# آذان جون برڪتون



پيشڪش:

مجلس المدينة العلمية (دعوتِ اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: آذان جون برڪتون
ڇاپو پهريون: جمادي الثاني 1442هہ، فيبروري 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

جانشين امير اهلسنت، حضرت علامه

**مولانا عبيد رضا مدني** مَدظله العالي

جو ۳ ڊسمبر ۲۰۲۰ تي عالمي مدني مرڪز ۾ ٿيڻ واري هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾
اُردو زبان ۾ ٿيل بيان جو اضافي سميت تحريري گلدستو .

# آذان جون برڪتون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

# فهرست

## آذان جون برڪتون


دعاءِ عطار ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت.................................. 1
ظالم آفيسر جو عبرتناڪ انجام(حڪايت) .................. 1
سڀ کان پهرين آذان ڪنهن ڏني .......................... 8
سرڪار هڪ ڀيرو آذان ڏني .............................. 8
مينار تي سڀ کان پهريان آذان ڏيڻ وارو ................. 9
گهبراهٽ ۾ آذان ...................................... 9
ذڪرِ الٰهي نزولِ رحمت جو باعث آهي ..................... 9
ڇا آذان نماز سان خاص آهي؟ ............................ 10
نماز کان علاوه آذان جا چند مواقع ....................... 10
ڪرونا وائرس جي مريض سان اظهارِ همدردي .................. 12
اميراهلسنت جو علماءِ اهلسنت جي حڪم تي طرزِ عمل.......... 12
پريشاني کان نجات جي لاءِ آذان ڏيڻ سنت آهي.............. 13
خدا پاڪ کي راضي ڪري وٺو .............................. 15
آذان جي برڪت سان سيلاب رڪجي ويو(حڪايت) ................ 15
نماز ٻ پڙهي سگهو ٿا.................................. 16
وبا جي موقعي تي آذان ڏيڻ جي باري ۾ هڪ ڪتاب لکيو ........ 17
آذان امن و سلامتي جو سبب آهي ......................... 17
شيطان ڀڄي ويندو آهي................................... 18
دلين جو چين .......................................... 19
خوب ذڪرُالله ڪيو........................................ 20
بهترين دعا ............................................ 21
رحمت جي برسات ........................................ 21
اهلبيت جي محبت منهنجي دل جي ڌڙڪن ۾ آهي (حڪايت).......... 22

ڇا ڳالھ ڪجي امير اهلسنت جي ........ 23

الله پاڪ جي پسنديده ٻانهن جو وسيلو ........ 24

آذان جا ڪجھ شرعي مسئلا ........ 24

وبا کي دور ڪرڻ وارو هڪ ٻيو وظيفو ........ 25

گناهن کان توبھ ........ 25

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# آذان جون برڪتون

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 21 صفحن جو رسالو ”آذان جون برڪتون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي مؤذنِ رسول حضرت بلال جو جنت الفردوس ۾ پاڙو نصيب فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ رحمت بنياد آهي: جنهن قرآنِ ڪريم پڙهيو، الله پاڪ جي حمد ڪئي ۽ نبي ڪريم تي درود شريف پڙهيو پڻ پنهنجي ربّ سان مغفرت طلب ڪئي تہ ان ڀلائي کي پنهنجي جڳهہ تان ڳولي ورتو.
(شعب الايمان، جلد2 ص 373، حديث:2084)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ظالم آفيسر جو عبرتناڪ انجام(حڪايت)

هڪ واپاري (بزنس مين) جو ڪنهن سرڪاري آفيسر تي تمام گهڻو قرض هيو. اهو جڏهن مطالبو ڪندو هو، تہ آفيسر ڪونہ ڪو بهانو ڪري واپاري کي واپس موٽائي ڇڏيندو هو. واپاري جڏهن ڏٺو تہ منهنجو مال ڪنهن طريقي سان ناهي ملي رهيو تہ اُن وجي ان ڪان بہ وڏي آفيسرن بلڪ وزير ڪان شڪايت ڪئي،

پر پوءِ بہ مال واپس ڪونہ مليو. هاڻي صرف وقت جي خليفي تائين شڪايت پهچائڻ باقي هئي، پر خليفي تائين پهچڻ ڪو آسان ڪم ڪونہ هيو. هڪ ڏينهن ان واپاري جي هڪ دوست چيو: اچو! مون سان گڏ هلو، مان توهان کي هڪ اهڙي شخص وٽ وٺي هلان ٿو جيڪو توهان جو مال واپس ڏيارڻ ۾ توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان کي خليفي تائين شڪايت ڪرڻ جي ضرورت بہ ڪانہ پوندي. پوءِ اُهو مون کي هڪ درزي وٽ وٺي هليو جيڪو قريبي مسجد جو ”امام“ بہ هو. منهنجي دوست منهنجي سڄي پريشاني ان کي ٻڌائي، تہ امام صاحب يڪدم اسان سان آفيسر جي گهر جي طرف هليو، واپاري پنهنجي دوست کي چيو: تو مونکي، پاڻ کي، ۽ هن ويچاري غريب درزيءَ کي بہ مصيبت ۾ ڦاسائي ڇڏيو. اهو آفيسر تہ وڏن وڏن جي ڳالھ کي بہ خاطر ۾ نٿو آڻي، وزير جي شڪايت ڪان بہ ڪونہ ڊڄو، پوءِ ڀلا هن غريب درزي جي ڳالھ کي ڇا اهميت ڏيندو؟ منهنجي دوست مسڪرائيندي چيو: توهان خاموشي سان ڏسندا وڃو تہ ٿئي ڇا ٿو؟ جيئن اسان ان ظالم آفيسر جي گهر پهتاسين تہ ان جي غلام نهايت ادب سان اڳتي وڌي درزي جو هٿ چمندي پڇيو: سائين! اوهان هتي تشريف ڪٿي آيا آهيو ڪو ڪم ڪار آهي؟ اسان جو مالڪ هاڻي هاڻي سفر تان آيو آهي جيڪڏهن توهان حڪم ڏيو تہ يڪدم سڏي ٿو اچان ۽ جيڪڏهن چاهيو تہ اندر هليا اچو ۽ خدمت جو موقعو ڏيو. اندر وڃي اسان هڪ خوبصورت ڪمري ۾ ويهي رهياسون. ڪجھ دير ڪان پوءِ اهو آفيسر آيو ۽ درزي کي

ڏسندي ئي عزت و احترام سان پيش ايندي نهايت ادب سان چيو: حضور! هاڻي ئي سفر تان آيو آهيان مان هن وقت تائين سفر وارا ڪپڙا بہ ناهن مٽايا جيستائين توهان جي اچڻ جو مقصد پورو نہ ڪري وٺان تيستائين ڪپڙا تبديل ڪونہ ڪندس، حڪم فرمايو مان توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو؟ امام صاحب مون ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو: جلدي هن جو مال هن کي واپس ڪيو. آفيسر چيو: سائين! هن وقت مون وٽ صرف پنج هزار (5000) درهم آهن، توهان هن کي چئو تہ في الوقت هي ئي رقم قبول ڪري ۽ باقي رقم جي عيوض منهنجي واپار جو سامان گروي رکي ڇڏي، مان هڪ مهيني جي اندر سندس رقم واپس ڪري ڇڏيندس. درزي (امام صاحب) منهنجي طرف ڏٺو تہ مون يڪدم اهو شرط قبول ڪري ورتو پوءِ اسان واپس موٽي آياسين. مان پنهنجو حق ملڻ تي ڏاڍو خوش هيس ۽ حيران بہ هيس تہ خبر ناهي هن امام صاحب ۾ ڪهڙي طاقت آهي جنهن جي ڪري ظالم آفيسر سندس ايترو مهربان ٿيو. ۽ ايتري قدر احترام سان پيش آيو. واپسي تي مون امام صاحب جي دُڪان تي پنهنجو سڄو مال رکندي عرض ڪيو: الله پاڪ توهان جي برڪت سان مون کي منهنجو مال واپس ڏياريو آهي، مان پنهنجي خوشي سان ڪجھ مال توهان کي تحفي ۾ ڏيڻ چاهيان ٿو، توهان هن مان ٽهائي يا اڌ حصو قبول ڪيو. امام صاحب چيو: مان هن مان ڪجھ بہ ڪونہ ڪٽندس. وڃو! الله پاڪ توهان کي برڪت ڏئي. مون چيو: حضُور! منهنجو توهان ۾ هڪ ٻيو ڪم بہ آهي. انهن فرمايو: ٻڌايو. مون چيو: هن ظالم آفيسر جي سامهون وڏا وڏا ماڻهو بي وس ٿي ويا، پر توهان جي ڳالھ ان يڪدم مڃي ورتي، آخر اهو توهان جي

ايتري عزت ڇو ڪري ٿو؟ امام صاحب فرمايو: توهان ڪي توهان جو مال ملي ويو، هاڻي وڃو! پنهنجو ڪم ڪار ڪيو ۽ مون ڪي به ڪم ڪرڻ ڏيو. مون جڏهن گهڻو اصرار ڪيو ته امام صاحب پنهنجو واقعو ڪجهه هن طرح ٻڌايو ته مان هن مسجد ۾ چاليهه سالن کان ماڻهن کي نماز پڙهائي رهيو آهيان ۽ گڏو گڏ درزي جو به ڪم ڪندو آهيان. اسان جي گهر جي گهٽي ۾ هڪ آفيسر جو گهر آهي. هڪ ڀيرو جڏهن مان پنهنجي گهر وڃي رهيو هيس ته ڏٺو ته نشي ۾ ڌُت اهو آفيسر هڪ عورت کي پڪڙي پنهنجي گهر ڏانهن ڪِهلي رهيو هو، اها ويچاري مدد جي لاءِ پڪاريندي رهي، پر ڪوبه ان جي مدد جي لاءِ نه آيو. اها ويچاري روئي روئي چئي رهي هئي: منهنجي مڙس قسم کنيو آهي ته جيڪڏهن مون سندس گهر کان علاوه ڪنهن ٻي گهر ۾ رات گذاري ته اهو مون کي طلاق ڏئي ڇڏيندو. جيڪڏهن اهو ظالم مونکي پنهنجي گهر وٺي ويو ته منهنجو گهر برباد ٿي ويندو ۽ مان رُسوا ٿي وينديس، خدا جي واسطي مون کي هن ظالم کان نجات ڏياريو. مان ايماني جذبي جي بدولت اُن ظالم جي طرف وڌيس ۽ عورت کي ڇڏي ڏيڻ جو چيو: ته ان هڪ لوهي ڏنڊو منهنجي مٿي تي هنيو ۽ ٺڦڙ هڻي ڀڄائي ڇڏيو، مان زخمي حالت ۾ غمگين و پريشان حالت ۾ پنهنجي گهر آيس زخم مان رت ڌوئي پٽي ٻڌي ۽ ڪجهه دير جي لاءِ بستر تي ليٽي پيس. پوءِ عشاء جي نماز پڙهڻ مسجد ويس ۽ نماز کان پوءِ سڀني نمازين کي اُن ظالم آفيسر جي اها حرڪت ٻڌائيندي چيو: توهان سڀ مون سان گڏ هلو! ياته اهو عورت کي ڇڏي ڏيندو نه ته اسان ان سان مقابلو ڪنداسين. ماڻهن منهنجي تائيد ڪئي ۽ اسان سڀئي آفيسر جي گهر جي طرف وڌياسين. اتي پهچي اسان

عورت جي رهائي جو مطالبو ڪيو تہ اُن ظالم آفيسر جي ڪيئي غلامن ملي ڪري اسان تي لٺين سان حملو ڪيو، سيئي مون کي اڪيلو ڇڏي ڀڄي ويا، ڪجھ غلامن مون کي پڪڙي خوب ماريو ۽ سخت زخمي ڪري ڇڏيو. منھنجي هڪ پاڙيسري مون کي کڻي گھر آندو. گھر وارن زخمن تي دواء هڻي پٽي ٻڌي ڇڏي.

مونکي ڪجھ دير ننڊ اچي وئي، پر ڪجھ ئي دير ۾ سور جي سختي سبب جاڳي پيس. مان سوچي رهيو هيس تہ اُن ويچاري عورت کي ڪھڙي طرح بچايو وڃي، ڪٿي ان جو گھر برباد نہ ٿي وڃي. پوءِ اچانڪ مون کي خيال آيو تہ اُن ظالم شراب پيتو آهي ان کي وقت جي بہ خبر ڪانهي، جيڪڏھن مان هيئر آذان ڏيان تہ اهو هي ئي سمجھندو تہ فجر جو وقت ٿي ويو آهي ۽ اهو عورت کي ڇڏي ڏيندو. هن طرح گھٽ مان گھٽ اُن ويچاري عورت جو گھر بچي ويندو. رڳو اهو خيال ايندي ئي مان ڪرندو ٿاٻڙندو مسجد پھتس ۽ مينار تي چڙهي بلند آواز سان آذان ڏني ۽ اُن ظالم آفيسر جي گھر جي طرف ڏسڻ لڳس. هاڻي ڪجھ ئي دير گذري هئي تہ گھڻي گھوڙن ۽ سپاهين سان پرجي وئي. سپاهي بلند آواز سان چئي رهيا هئا: هن وقت آذان ڪنھن ڏني آهي؟ پھريان تہ مان خاموش رهيس پوءِ اهو سوچي شايد عورت جي رهائي جي لاءِ اهي سپاهي منھنجي مدد ڪن، مون چيو: مون ڏني آهي. سپاهين چيو: جلدي هيٺ اچو، توهان کي "خليفي" گھرايو آهي. سپاهي مون کي خليفي جي دربار ۾ وٺي ويا. خليفي نهايت شفقت سان مون کي پنھجي پر ۾ ويھاريو ۽ تسلي ڏيڻ لڳو، ايسيتائين جو منھنجو خوف ختم ٿي ويو ۽ مان بلڪل مطمئن ٿي ويس تہ اُن مون کي چيو: توکي ڪنھن مجبور ڪيو تہ تون وقت کان

پهريان آذان ڏئي مسلمانن کي ڌوکو ڏئين؟ ٿورو سوچ تہ سهي مسافر تنهنجي آذان سبب سفر شروع ڪري ڇڏيندا، روزيدار کائڻ پيئڻ کان رڪجي ويندا حالانڪ اجان سحري جو وقت باقي آهي. مان ڊڄندي چيو: جيڪڏهن اوهان مون کي جان جي امان ڏيو تہ ڪجھ عرض ڪيان؟ خليفي چيو: توهان کي امان ڏني، ٻڌايو. پوءِ مون ان ظالم آفيسر ۽ عورت جو سچو واقعو خليفي کي ٻُڌايو ۽ پنهنجا زخم بہ ڏيکاريا. خليفي ڪاوڙ ۾ اچي سپاهين کي حڪم ڏنو تہ هينئر جو هينئر ان آفيسر ۽ اُن مظلومہ عورت کي منهنجي سامهون حاضر ڪيو. ڪجھ ئي دير ۾ سپاهي ان آفيسر ۽ عورت کي خليفي جي دربار ۾ آندو ويو. خليفي مونکي هڪ ڪمري ۾ موڪلي عورت کان حقيقت پڇي تہ اُن اهو ئي ٻڌايو جيڪو مون ٻڌايو هو. خليفي ڪجھ قابلِ اعتبار عورتن ۽ سپاهين سان گڏ عورت کي سندس گهر موڪليو. پوءِ خليفي مون کي گهرايو ۽ اُن آفيسر کان پڇيو: ٻڌاءِ! توکي ڪيتري پگهار ملندي آهي؟ ٻڌاءِ! توکي ڪاروبار مان ڪيترو منافعو ملندو آهي؟ تو وٽ ڪيتريون خادمائون آهن؟ تنهنجي سال جي ڪمائي ڪيتري آهي؟ ظالم آفيسر پنهنجي گهڻي آمدني ۽ خادمائن جي باري ۾ ٻڌايو تہ خليفي چيو: ايتريون نعمتون ملڻ جي باوجود تو پنهنجي پروردگار، خداءِ قهار و جبار جي نافرماني ڪئي آهي. ڇا توکي حلال شيون ڪافي ڪونہ هيون؟ جو تو حرام جي طرف هٿ وڌايو. هاڻي توکي دردناڪ سزا ملندي. پوءِ خليفي جي حڪم سان ان آفيسر کي نهايت دردناڪ موت ڏنو ويو. امام صاحب فرمايو: سڀئي آفيسر، وزير اهو منظر ڏسي رهيا هئا. اهو آفيسر بہ اُتي موجود هو جنهن جي ذمي تنهنجو مال هو. خليفي مون کي مخاطب ڪري چيو:

اي شيخ! اسان جي هن ملڪ ۾ توهان جتي به ڪا برائي ٿيندي ڏسو، جتي به ڪنهن ظالم کي ظلم ڪندي ڏسو ته ان کي روڪجو، چاهي اهو ڪير به هجي. پوءِ هڪ وڏي آفيسر جي طرف اشارو ڪندي چيو: چاهي هيءُ اعليٰ آفيسر ئي ڇونه هجي ۽ جيڪڏهن توهان جي خلاف جرئت ڪري، توهان جي ڳالهه نه مڃي ته مونکي جلدي اطلاع ڪجو، اسان جي توهان جي درميان"آذان" نشاني هوندي. اوهان وقت ڪان پهريان آذان ڏئي ڇڏجو مان سمجهي ويندس ۽ اوهان جو آواز ٻڌندي ئي اوهان جي مدد جي لاءِ پهچندس. صبح ٿيندي ئي اها خبر سڄي شهر ۾ باهه جيان ڦهلجي وئي هر خاص و عام کي منهنجي اختيارن جي متعلق معلوم ٿي ويو اُن ڏينهن کان اج تائين هڪ پيرو به ائين ناهي ٿيو ته مون ڪنهن کي انصاف ڏياريو هجي ۽ ان کي انصاف نه مليو هجي. خليفي جي ڊپ کان هر شخص منهنجي هرڳالهه جلدي مڃي وٺندو آهي. هاڻي تائين بيهر وقت کان پهريان آذان ڏيڻ جي نوبت ڪانهي آئي. هيءُ چئي درزي پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو ۽ مان گهر هليو آيس. (عيون الحڪايت، جلد2 ص385)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ ظلم جو انجام ڪيتري قدر بوائتو آهي. صحيح بخاري ۾ آهي: فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: بيشڪ الله پاڪ ظالم کي مهلت ڏيندو آهي ايتري تائين جو جڏهن ان کي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي ٿو پوءِ انهيءَ کي ناهي ڇڏيندو. هي ٻڌي سرڪار نامدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 12هين سيپاري سوره ۽ هود جي آيت 102 تلاوت فرمائي.

وَ كَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ الْقُرٰى وَهِىَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخْذَهٗۤ اَلِیْمٌ شَدِیْدٌ ﴿۱۰۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهڙي ئي طرح پڪڙ آهي تنهنجي رب جي جڏهن ڳوٺن کي پڪڙي تو انهن جي ظلم تي، بيشڪ ان جي پڪڙ سخت درد ناڪ آهي.

(پ 12 هود 102)

(صحيح البخاري ج 3، ص 247، حديث 4686)

هميشه هاتھ بهلائی کے واسطے اٹھیں ... بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یارب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان جتي ظالم جي ظلم جي عبرتناڪ انجام جو پتو پيو اُتي ئي”آذان“ جي برڪت سان نہ صرف ظلم جو بہ خاتمو ٿيو بلڪ آذان جي برڪت سان هڪ عام شخص کي وقت جي بادشاھ تائين نہ صرف رسائي ملي بلڪ ايترو وڏو اختيار بہ مليو ويو تہ اهو ملڪ مان جرائم کي ختم ڪري.

## سڀ کان پهرين آذان ڪنهن ڏني

آذان جي لغوي معنيٰ آهي: خبردار ڪرڻ. ڇا اوهان ڄاڻيو ٿا تہ سڀ کان پهرين آذان ڪنهن ڏني؟ چلو! مان ئي ٻڌايان ٿو، حضرت جبريل امين (عَلَيْهِ السَّلام) معراج جي رات بيتُ المقدس ۾ (سڀ کان پهرين آذان) ڏني، جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني نبين کي نماز پڙهائي، پر مسلمانن ۾ هجرت کان پوءِ پهرين هجري ۾ شروع ٿي. (مراة المناجيح، جلد1 ص399 )

## سرڪار هڪ ڀيرو آذان ڏني

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سفر ۾ هڪ ڀيرو آذان ڏني هئي ۽ شهادت وارا ڪلما هيئن چيا: ’اَشْهَدُ اَنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰه‘ ”مان گواهي ڏيان ٿو

تہ مان اللّٰه جو رسول آهيان.“ (فتاويٰ رضويہ ، جلد۵ ص ۳۷۵)

## مينار تي سڀ کان پهريان آذان ڏيڻ وارو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شهر ۾ مينار تي چڙهي آذان چوڻ وارو سڀ کان پهريان حضرت شُرحبيل بن عامر مرادي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ هو.
(الحديقة الندية، جلد1 ص 135)

## گهبراهٽ ۾ آذان

روايت ۾ آهي: جڏهن آدم عَلَيْهِ السَّلَام هندستان ۾ لٿا تہ انهن کي گهبراهٽ ٿي تہ جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام) لهي اذان ڏني.
(حلية الاولياء، جلد5 ص123، حديث:6566)

## ذڪرِ الٰهي نزولِ رحمت جو باعث آهي

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: آذان ذڪرِ الٰهي آهي ۽ ذڪرِ الٰهي باعثِ نزولِ رحمت آهي.
(فتاويٰ رضويہ ، جلد۵ ص ۳۷۰ ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً جڏهن اللّٰه پاڪ جي رحمت نازل ٿيندي تہ بلائون، آفتون، مصيبتون، بيماريون، پريشانيون دور ٿينديون. جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرتِ علي رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کي ارشاد فرمايو: اي علي مان توکي غمگين ڏسان ٿو پنهنجي گهر جي ڪنهن فرد کي چئو تہ تنهنجي ڪن ۾آذان ڏئي، آذان غم و پريشاني دور ڪندي آهي. (جامع الاحاديث، جلد15 ص 339، حديث:6017) هيءَ روايت نقل ڪرڻ کانپوءِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ”فتاويٰ رضويہ شريف“ جلد5 صفحي668 تي فرمائن ٿا: موليٰ علي (رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ) ۽ موليٰ علي تائين

جيتري قدر هن حديث جا راوي (يعني نقل ڪرڻ وارا) آهن سيني فرمايو: فَجَرَّبْتُهُ فَوَجَدْتُّهُ (اسان ان جو تجربو ڪيو ته ائين ئي پاتو)

## ڇا آذان نماز سان خاص آهي؟

ڪجھ ماڻھو ھي سمجھندا آھن تہ آذان صرف نماز جي لاءِ ڏئي سگھجي ٿي ان ڪان علاوه ڪنھن بہ موقعي تي نٿي ڏئي سگھجي، اھا ڳالھ درست ناھي، ھاڻي جيڪا روايت بيان ٿي تہ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جنت ڪان زمين تي تشريف آندائون تہ انھن جي گھبراھٽ و بي چيني کي دور ڪرڻ جي لاءِ حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪا آذان ڏني اھا ڪنھن نماز جي لاءِ ڪانہ ھئي ائين ئي الله پاڪ جي پياري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو موليٰ مشڪل ڪشا رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي غمزده ڏسي فرمايو تہ پنھنجي گھرجي ڪنھن فرد کي چئو تہ تنھنجي ڪن ۾ آذان ڏئي اھا آذان بہ ڪنھن نماز جي لاءِ ڪانہ ھئي. پڻ شوافع جي ڪتابن ۾ نماز ڪان علاوه مطلقاً ھنن موقعن تي آذان چوڻ سُنت آھي. (تحفة المحتاج لابن حجر هيتمي، جلد1 ص 165))

## نماز ڪان علاوه آذان جا چند مواقع

آذان کي اصل ۾ نماز ئي جي لاءِ ايجاد ڪيو ويو ھو پوءِ بين موقعن تي بہ استعمال ٿي. ياد رھي اسلام ڪيئي مواقع تي آذان ڏيڻ مستحسن (يعني پسند فرمايو) آھي انھن مان چند ھي آھن: (1) ٻار جي پيدائش جي وقت ساڄي ڪن ۾ آذان ۽ کابي ڪن ۾ اقامت چوڻ مسنون ٿي، (2) جتي جنّات جو اثر ھجي اُتي بہ آذان ڏني ويندي آھي، (3) جڏھن سواري جو جانور سرڪشي ڪري. (4 تا 7) بدمزاج انسان يا جانور جي ڪن ۾، غمزده، مرگھي جي مريض ۽ غصي

واري شخص جي ڪن ۾، (8) باھ لڳڻ جي وقت. (9) رستو ڀلجي وڃڻ جي صورت ۾. (10) وبا (يعني بيماري) جي زماني ۾، (11) ميّت کي دفن ڪرڻ کان پوءِ. (نزهة القاري، جلد2ص296، بهارِ شريعت، جلد1 ص 466، حصو:3)

حضرت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آذان جي موقعن کي عربي شعر ۾ هيئن بيان فرمايو آهي جنهن کي زباني ياد ڪرڻ سان آذان جا هي مواقع ياد رکڻ آسان ٿيندا

فَرْضُ الصَّلٰوةِ وَفِیْ اُذُنِ الصَّغِيْرِ وَفِیْ
وَقْتِ الْحَرِيْقِ وَالْحَرْبِ الَّذِیْ وَقَعَا
خَلْفِ الْمُسَافِرِ وَالْغِيْلَانِ اِنْ ظَهَرَتْ
فَاحْفَظْ لِسِتٍّ مِنَ الَّذِیْ قَدْ شَرَعَا
وَزِيْدَ اَرْبَعٌ ذُوْهَمٍّ وَ ذُوْ غَضَبٍ
مُسَافِرٌ ضَلَّ فِیْ نَفْرٍ وَمَنْ صَرَعَا

فرض نماز جي لاءِ، ٻارن جي ڪن ۾، باھ لڳڻ وقت، سخت جنگ جي وقت، مسافر جي وڃڻ کان پوءِ، جنن جي ظاهر ٿيڻ تي، غصي واري تي، رستو ڀلجي وڃڻ جي صورت ۾ ۽ مرگهي واري جي لاءِ آذان ڏيڻ. (جاءالحق، ص252)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪرونا وائرس جي مريض سان اظهارِ همدردي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! گذريل ڪجھ مهينن کان پاڪستان سميت دنيا جي ڪيئي ملڪن ۾ هڪ موذي بيماري”ڪرونا وائرس“ خوف و هراس ڦهلائي رکيو آهي، هاڻي تائين جيترا عاشقانِ رسول ڪرونا وائرس جي سبب فوت ٿيا الله پاڪ عاشقانِ رسول جي بي حساب بخشش فرمائي ۽ انهن جي گهر وارن کي صبر ۽ صبر تي بهترين اجر عطا فرمائي. الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا آهي تہ ڪرونا وائرس سان متاثر ٿيڻ وارا عاشقانِ رسول دنيا ۾ جتي بہ اسپتالن، گهرن وغيره ۾ بند(ڪورنٽائن) ٿيل آهن انهن جي حال تي بہ نظر رحمت فرمائي ۽ انهن کي نيڪين واري، عبادت واري، رياضتن واري ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ بسر ڪرڻ واري وڏي عمر عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اميراهلسنت جو علماءِ اهلسنت جي حڪم تي طرزِ عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! اميراهلسنت 29 رجب المرجب 1441ھ تي ڪجھ هن طرح اعلان فرمايو تہ امت جي ڀلائي ۽ ڪرونا وائرس دور ٿيڻ جي لاءِ علماءِ اهلسنت رات ڏهين وڳي گهرن ۾ آذان ڏيڻ جو حڪم فرمايو آهي، مان بہ نيّت ڪريان ٿو تہ اِنْ شَآءَالله! روزانو آذان ڏيندس، سڄي دنيا ۾ رهڻ وارا عاشقانِ رسول (اتان جي حالت و واقعات مطابق) پنهنجي گهرن ۾ آذان ڏين، اَلْحَمْدُلِلّٰه! آذان جو آواز جيستائين پهچندو آهي هر شيءِ مغفرت جي دعا ڪندي آهي، آذان سان ربّ العزت جي رحمت ناز ٿيندي، آفتون ۽ وبائون دور ٿينديون، شيطان ۽ شرير جن پري ٿيندا آهن، رنج و غم پري ٿيندو، گهبراهٽ ختم ٿيندي ۽ دلين کي راحت نصيب ٿيندي آهي. رات جو ڪنهن بہ اهڙي

وقت ۾ جنهن سان ٻڌڻ واري کي نماز جو شڪ نہ ٿئي، گهرن ۾ ڪنهن سُتل، نمازي يا مريض وغيره کي ايذا نہ پهچي ان جو خيال رکندي جتي هجو اتان مثلاً گهر، دڪان، آفيس، فيڪٽري وغيره کان ۽ مؤذن صاحبان پنهنجي پنهنجي مسجدن مان باوضو ڪعبي ڏانهن منهن ڪري درود و سلام پڙهي آذان ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪن تہ الله پاڪ هن برڪت سان ڪرونا وائرس ۽ ٻين آفتن ۽ بلائن کان پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکياري امت کي نجات بخشي.

زمانے کے مصائب نے الٰہی گھیر رکھا ہے　　　پئے شاہِ مدینہ دور ہوں رنج والم مولیٰ
رسولِ پاک کی دکھیاری امت پر عنایت کر　　　مریضوں، غمزدوں، آفت نصیبوں پر کرم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پريشاني کان نجات جي لاءِ آذان ڏيڻ سنت آهي

**حضرت** علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مصيبت و پريشاني کان ڇوٽڪاري جي لاءِ آذان ڏيڻ سنت آهي. (مرقاة، جلد2 ص330) ڪرونا وائرس جي ڦهلجڻ وقت هن مصيبت و پريشاني جي عالم ۾ بہ خوب آذانون ڏيو، ڪهڙي خبر هن ذڪرِ الٰهي جي ڪري اهڙي رحمتِ الٰهي وَسي جو ڪرونا وائرس ئي ختم ٿي وڃي بلڪ ڪرونا وائرس پاڻ سان ڪئين ٻين بيمارين کي ڪٽي اسان کان پري ٿي وڃي.

منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان فتاويٰ رضويہ جلد23 ۾ هڪ سوال ٿيو، مان اهو سوال ۽ جواب آسان لفظن ۾ بيان ڪيان ٿو.

**سوال:** علماءِ دين هن مسئلي جي باري ۾ ڇا ٿا فرمائن تہ ماڻهو بيماري ۽ مصيبتن جي ڦهلجڻ وقت ۽ آنڌي ۽ شديد طوفان وغيره

جي وقت آذان چوندا آهن، اِهو ڪم شرعي طور جائز آهي يا نه؟.

**جواب:** جائز آهي ۽ جائز هئڻ جي لاءِ حديثِ پاڪ ۾ آهي: ذڪرِ الٰهي ڪان وڌيڪ ڪا شيءِ الله پاڪ جي عذاب ڪان ڇڏائڻ واري ڪانهي. پوءِ جڏهن توهان عذاب ڏسو ته اُن حالت ۾ الله پاڪ جي ذڪر جي ذريعي پناهه حاصل ڪريو.

۽ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد ٿئي ٿو: اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىٕنُّ الْقُلُوْبُ ﴿۲۸﴾ (پ13، الرعد:28) ترجمو ڪنزالايمان: ٻڌو الله ئي جي ياد ۾ دلين جو آرام آهي.

ہر سو ہوں جب وباؤں کے سائے، اذان دو
دنیا مریض ہو تو دوائے اذان دو

طوفاں کو موڑنے کی توانائی اس میں ہے
گردش کبھی جو آنکھ دکھائے، اذان دو

پھر بجلیاں نہ برسیں گی، فیضان برسے گا
بادل مصیبتوں کا جو چھائے، اذان دو

ہر روشنی سے بڑھ کے اجالا اذاں کا ہے
بے نور ہے جہاں، تو ضیائے اذان دو

ردِ بلا، بہارِ عطا، نسخۂ شفا
ہیں کتنے فیض اس میں سمائے اذان دو

مرجھائی کائنات میں آئے گی تازگی
جب مشکلوں کی دھوپ ستائے اذان دو

یہ راستہ ہے قہر و غضب سے نجات کا
چشمِ طلب میں اشک سجائے، اذان دو

تم کو اگر سجھائی نہ دے زندگی کی راہ
جب دورِ مشکلات کا آئے اذان دو

نغمہ ہو ساتھ ساتھ درود و سلام کا
عشقِ نبی جگر میں بسائے اذان دو

درکار ہیں فریدی اگر مسکراہٹیں
تم آہ اور فغاں کے بجائے، اذان دو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## خدا پاڪ کي راضي ڪري وٺو

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ طرف ڪرونا وائرس جو خوف، ٻي طرف لاڪ ڊائون جي آفت، غريب هجي يا امير تقريباً سڀئي پريشاني سبب گهبراهٽ ۽ تشويش ۾ آهن ته نه ڄاڻ اڳتي ڇا ٿيندو، الله پاڪ اسان سڀني تي پنهنجو خصوصي فضل و ڪرم فرمائي، هن آفت و پريشاني جي وقت ذڪرِ الٰهي ڪري آذانون ڏئي، صلوٰة و سلام پڙهي ڪري خوب دل کان دعائون گهري پنهنجي ربّ رحيم و ڪريم کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.

## آذان جي برڪت سان سيلاب رڪي ويو(حڪايت)

حضرت علامہ عبد الرّؤف مناوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه امام فخرالدين رازي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي حوالي سان لکن ٿا: هڪ ڀيرو بغداد ۾ سيلاب اچي ويو، قريب هو جو سڄو بغداد غرق ٿي وڃي ها. انهيءَ دوران ڪجھ نيڪ ٻانهن خواب ڏٺو ته اهي درياءِ دِجلہ جي ڪناري ويٺا آهن ۽ چئي رهيا آهن: ”لَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ بغداد غرق ٿي ويو.“ انهيءَ دوران ٻہ ماڻهو آيا، هڪ ٻئي کان پڇيو: توهان کي ڪهڙي شيءِ جو حڪم ٿيو آهي؟ چيائين: مونکي بغداد کي غرق ڪرڻ حڪم ٿيو آهي پر هاڻي مونکي روڪيو ويو آهي:. پڇيو ڇو؟ چيائين: رات وارن ملائڪن الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو تہ اڄ رات بغداد ۾ ناحق 700 عورتن جي عزتن ۾ هٿ وڌو ويو آهي، جنهن تي الله پاڪ غضب فرمايو ۽ مون کي بغداد کي غرق ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر وري صبح جي ملائڪن عرض ڪيو تہ اڄ صبح 700 آذانون ۽ اقامتون

ٿيون آهن. الله پاڪ هن جي برڪت سان معافي عطا فرمائي ڇڏي (يعني اجتماعي عذاب نہ ڏنو ويو). پوءِ جڏهن اڪ ڪُلي تہ پاڻي لهي چڪو هو. (فيض القدير، جلد1 ص 327)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** روايت ۾ آهي: جنهن بستي ۾ آذان ڏني وڃي، الله پاڪ پنهنجي عذاب کان ان ڏينهن ان کي امن ڏيندو آهي. (معجم ڪبير، جلد1 ص 257، حديث:746)

حضرت علامہ عبدالرؤف مناوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: نہ مٿان (يعني آسمان) تان بلائون ايندیون نہ هيٺان (يعني زمين) مان، نہ انهن تي دشمن حاوي ٿيندو. پڻ زمين ۾ ڌبجڻ ۽ شڪلن جي بدلجڻ ۽ پٿرن جي وسڻ وغيره کان بہ محفوظ ٿيندا. (فيض القدير، جلد1 ص326)

مٹادے ساری خطائیں مری مٹا یارب — بنادے نیک بنا نیک دے بنا یارب
برائیوں پہ پشیماں ہوں رحم فرمادے — ہے تیرے قہر پہ حاوی تری عطا یارب

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز بہ پڙهي سگهو ٿا

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** فقہ حنفي جي تمام قابلِ اعتماد ڪتابن ۾ آهي: وبا ڦهلجي يا زلزلا اچن يا دشمن جو خوف هجي يا ٻيو ڪو خوفناڪ معاملو پاتو وڃي هنن سڀني جي لاءِ بہ رڪعتون نماز مستحب آهي. (فتاويٰ هنديه جلد1 ص 153، درمختار، جلد3 ص 80 وغيرهما)

## وبا جي موقعي تي آذان ڏيڻ جي باري ۾ هڪ ڪتاب لکيو

**اي عاشقانِ رسول!** اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "وبا جي موقعي تي آذان ڏيڻ" جي باري ۾ پورو رسالو بنام "نَسِيْمُ الصَّبَا فِيْ اَنَّ الْاَذَانَ يُحَوِّلُ الْوَبَاء" يعني بيمارين کي دفع ڪرڻ جي لاءِ آذان جي باري ۾ صبح جي خوشگوار هوا جو بيان تحرير فرمايو آهي. (افسوس! هيءُ رسالو بعض ڪتبِ اعليٰ حضرت جيان دستياب ناهي.)

## آذان امن و سلامتي جو سبب آهي

سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قبر تي آذان ڏيڻ جي باري ۾ قرآن و حديث جي روشني ۾ " پورو هڪ رسالو بنام "اِيْذَانُ الْاَجْرِفِيْ اَذَانِ الْقَبْرِ" لکيو آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي هن رسالي ۾ هڪ مقام تي جيڪو ارشاد فرمايو ان کي آسان لفظن ۾ پيش ڪيان ٿو: (قبر تي آذان ڏيڻ جو انڪار ڪرڻ وارا ۽ اُن تي اعتراض ڪرڻ وارا چون ٿا ته آذان ته صرف نماز جو اعلان ڪرڻ جي لاءِ آهي ۽ هتي(يعني قبر تي) ڪهڙي نماز آهي جنهن جي لاءِ آذان ڏني پئي وڃي؟ اها جهالت انهن ئي کي زيب ڏئي ٿي اهي نٿا ڄاڻن ته آذان ۾ ڪهڙا ڪهڙا مقصد ۽ فائدا آهن، شريعتِ مطهره نماز کان سواءِ ڪهڙن ڪهڙن موقعن تي آذان مستحب فرمائي آهي (جن جي تفصيل صفحات جي شروع ۾ گذري چڪي). پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيءَ رسالي جي خطبي ۾ ارشاد فرمائن ٿا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ جَعَلَ الْاَذَانَ عَلَمَ الْاِیْمَانِ وَسَبَبَ الْاَمَانِ
وَسَکِیْنَةَ الْجِنَانِ وَمُنْفَاةَ الْاَحْزَانِ وَمَرْضَاةَ الرَّحْمٰنِ

يعني تمام تعريفون ان الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن آذان کي ايمان جي علامت ۽ امن و سلامتي جو سبب، دلين جو سڪون ۽ غمن کي دور ڪرڻ وارو ۽ پنهنجي رضا جو ذريعو بڻايو آهي. (فتاويٰ رضويه جلد5 ص 653)

## شيطان پٺي ڏيئي ڀڄي ٿو

الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جڏهن نماز جي آذان ڏني ويندي آهي ته شيطان هوا خارج ڪندي ڀڄي ويندو آهي ته جيئن آذان نه ٻڌي. (بخاري شريف، جلد1 ص 222، حديث: 608)

حضرت علامه مولانا مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: چاهي نماز ۾ سڏڻ جي (آذان) ڏني وڃي يا ڪنهن ٻي صورت جي لاءِ، جيئن ٻار جي ڪن ۾ يا ميت کي دفن ڪرڻ بعد قبر تي وغيره. لِلصَّلٰوۃ (يعني نماز جي لاءِ) انڪري فرمايو ته جيئن ڪو آذان جي لغوي معنىٰ نه سمجهي وڃي. هتي (شيطان جي) ڀڄڻ جي ظاهري معنىٰ مراد آهي ۽ آذان ۾ شيطان کي دفع ڪرڻ جي تاثِير آهي انهيءَ ڪري طاعون ڦهلجڻ وقت آذان ڏيندا آهيون جو هيءَ وبا جنّات جي اثر مان آهي. ٻار جي ڪن ۾ آذان ڏيندا آهيون جو هن جي پيدائش تي شيطان موجود هوندو آهي جنهن جي مارڻ سان ٻار روئندو آهي. دفنائڻ کان پوءِ قبر تي آذان ڏني ويندي آهي ڇوته اهو ميّت جي امتحان ۽ شيطان جي ورغلائڻ جو وقت آهي، هن جي برڪت سان شيطان ڀڄي ويندو، پڻ ميّت جي دل کي سڪون ملندو. نئين گهر ۾

دل لڳندي. منڪر نڪيرن جي سوالن جا جواب ياد اچي ويندا. (پڻ) هوا خارج ڪرڻ مان مراد ان جي گهٽي ذلت و خوف آهي اهڙي حالت ۾ ڊڄڻ وارو هوا خارج ڪندي ئي پڇندو آهي. (مرأة، جلد1 ص 409)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دلين جو چين

”فتاويٰ رضويه“ ۾ آهي: آذان وحشت کي دور ڪرڻ واري ۽ اطمينان جو سبب آهي جوته اها ذڪرِ خدا آهي ۽ الله پاڪ فرمائي ٿو: اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىِٕنُّ الْقُلُوْبُ ﴿۲۸﴾ (پ13، الرعد:28) ترجمو ڪنزالايمان: ٻڌو الله ئي جي ياد ۾ دلين جو آرام آهي.

ته ذڪرِ الٰهي هميشه هر جڳهه محبوب ۽ رغبت ڏياريندڙ ۽ مطلوب و مندوب آهي(الله پاڪ جو ذڪر هر جڳهه هميشه ڪرڻ پسنديده ۽ چڱو ڪم آهي) جنهن سان هرگز منع نٿو ڪري سگهجي جيستائين ڪنهن خاص صورت ۾ ڪو شريعت طرفان منع نه ڪيو ويو هجي ۽ آذان به بلڪل ذڪرِ خدا آهي پوءِ خدا جاڻي ٿو ته ذڪرِ خدا کان منع ڪرڻ جو ڪهڙو سبب آهي، اسان کي حڪم آهي ته هر پٿر، وڻ وت ذڪرِ الٰهي ڪيو. (فتاويٰ رضويه، جلد5 ص 667 کان 670 ملتقطاً)

وصف بیاں کرتے ہیں سارے سنگ و شجر اور چاند ستارے
تسبیح ہر خشک و تر ہے یا اللہ یا اللہ

## خوب ذڪرُالله ڪيو

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن ڳالهہ ۾ ڪنهن مسلمان کي شڪ نٿو ٿي سگهي تہ مڪمل آذان الله پاڪ ۽ ان جي آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذڪر تي مشتمل آهي، اها ڳالهہ ثابت ۽ مڃيل آهي، الله پاڪ پنهنجي ذڪر جي باري ۾ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اذۡكُرُوا اللّٰهَ ذِكۡرًا كَثِيۡرًا ﴿۴۱﴾ ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ: الله کي گهڻو ياد ڪريو.

صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنۡه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: الله پاڪ پنهنجي ٻانهن تي جيڪا بہ عبادت مقرر فرمائي آهي اُن جي بہ ڪا حد آهي تہ هن حد تائين ڪيو ۽ ڪو عذر پاتو وڃي تہ ان جي اجازت بہ آهي تہ نہ ڪيو، سواءِ ذڪرالله جي، جوتہ الله پاڪ جي ذڪر جي ڪا حد ئي ڪانهي تہ ايترو ڪيو ايترو نہ ڪيو. (الله پاڪ جو خوب ذڪر ڪيو، صبح و شام ڪيو، خشڪي ۽ تري ۾ ڪيو، صحت و بيماري جي حالت ۾ ڪيو، اعلانيہ ۽ لڪي ڪري هر طرح ڪان ڪيو.) عظيم تابعي بُزرگ حضرت امام مجاهد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ جو مطلب هيءُ آهي تہ تون الله پاڪ جي ذڪر کي ڪڏهن بہ نہ ويسارين. (تفسيرِ بغوي، جلد3 ص 460)

یاالٰہی دکھا ہم کو وہ دن بھی تو آبِ زمزم سے کر کے حرم میں وضو
باادب شوق سے بیٹھ کے قبلہ رو مل کے ہم سب کہیں یک زباں ہو بہو

## بهترين دعا

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: كُلُّ دُعَاءٍ ذِكْرٌ وَكُلُّ ذِكْرٍ دُعَاءٌ ”يعني هر دعا ذڪر آهي ۽ هر ذڪر دعا آهي.“ (مرقاة، جلد5 ص 135) يقيناً مصيبت و پريشاني ۽ سخت آفت جي وقت الله پاڪ کان دعا گهرڻ گهرجي.

آذان کانپوءِ دعا گهٽي قبول ٿيندي آهي، تنهنڪري مصيبت زده کي گهرجي تہ ان وقت دعا گهري. (مراٰة، جلد 1 ص412) آذان پاڻ دعا بلڪ بهترين دعائن مان آهي جو اها ذڪرِالٰهي آهي ۽ هر ذڪرِ الٰهي دعا آهي جيئن مٿي بيان ٿيو لهٰذا ڪرونا وائرس جي جيڪا آفت ۽ وبا ڦهليل آهي، ان کان نجات الله پاڪ جي رحمت سان الله پاڪ جي ذڪر سان ملندي ۽ الله پاڪ جو ذڪر سڀ کان وڏي شيءِ آهي جيڪو آفتن کي دور ڪندو ۽ هن کان نجات ڏياريندو ڇوتہ آذان ذڪرالٰهي آهي ۽ ذڪرالٰهي جي برابر غضب ۽ عذابِ الٰهي کان نجات ڏيڻ واري، ۽ بلاء غم و پريشاني کي دفع ڪرڻ واري ڪا شيءِ ناهي. (فتاويٰ رضويه، جلد1 ص181)

## رحمت جي برسات

حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن ماڻهو ڪنهن جڳهہ جمع ٿي الله پاڪ جو ذڪر ڪندا آهن تہ ملائڪ انهن کي پَرن سان ڍڪي وٺندا آهن ۽ انهن تي رحمت ڇائنجي ويندي آهي ۽ انهن تي سڪينہ (يعني چين و اطمينان) نازل ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. (مسلم شريف، ص1111، حديث: 6855)

**اي عاشقانِ رسول!** اهڙي تشويشناڪ حالات ۾ ڪرونا وائرس جي سبب هلاڪتن جي خبر اچي رهي هجي ۽ هڪ عجيب گهٻراهٽ جو ماحول هجي جيڪڏهن اسان ڪي الله پاڪ جي رحمت ۽ چين و سڪون گهرجي تہ اهو الله پاڪ جي ذڪر جي برڪت سان نصيب ٿيندو ۽ آذان الله پاڪ جو ذڪر آهي. وڏي حيرت جي ڳالھ آهي تہ ڪرونا وائرس کان نجات جي لاءِ آذان (يعني الله پاڪ جو ذڪر) ٻُڌي خوش ٿيڻ بدران ڪي نادان مسلمان چورائڻ وارن ڪي صرف اعتراض ئي سُجهي ٿو. حالانڪ آذان ڏيڻ سان شيطان کان سواءِ ٻيو ڪنهن جو ڪنهن طرح بہ نقصان ناهي. حضرت علامہ مولانا مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: آذان مصيبتن ڪي دور ڪندي آهي.

(مراٰة، جلد1 ص 413)

## اهلبيت جي محبت منهنجي دل جي ڌڙڪن ۾ آهي (حڪايت)

شيخ طريقت، اميراهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلا محمد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ٻچپن ۾ ڪراچي(پاڪستان) ۾ هڪ ٻيرو سخت وبا ڦهلي، هن موقعي تي پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي هڪ جيڏن ٻارن سان گهٽين وغيره ۾ اهلبيت اظهار جي شان و عظمت جي وسيلي سان هيئن هڪ عربي شعر پڙهندا هئا جنهن ڪي ٻيا ٻار دهرائيندا هئا.

لِيْ خَمْسَةٌ أُطْفِيْ بِهَا حَرَّ الْوَبَاءِ الْحَاطِمَة
اَلْمُصْطَفٰى وَالْمُرْتَضٰى وَابْنَاهُمَا وَالْفَاطِمَة

(يعني منهنجي لاءِ پنج (هستيون) آهن انهن جي ذريعي توڙي چڏڻ واري وبا جي گرمي وِسايان ٿو، ۽ اهي پنج (هستيون) هيءُ آهن (1) حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم (2) حضرتِ علي مرتضيٰ رَضِىَ اللهُ عَنْه (3،4) ۽ سندن جا ٻئي صاحبزاده امام حسن و امام حسين رَضِىَ اللهُ عَنْهما (5) ۽ سيده فاطمه رَضِىَ اللهُ عَنْهَا)

چوڪن، گهتين، وغيره تي وبا کان نجات حاصل ڪرڻ جي نيت سان آذانون ڏيندا هئا، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ارشاد فرمائن ٿا: ٻارن کي هن جو ايتري قدر شوق هو جو تمام گهڻا ٻار جمع ٿي ويندا هئا ۽ گهٽين ۾ اهو عربي شعر پڙهندا ويندا هئا. الحمدلله! ائين الله پاڪ ۽ ان جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر خير ٿيندو هو هن جي برڪت سان ماحول ٺڇجي ويندو هو ۽ الحمدلله! اهلبيت اطهار جي محبت اسان جي دلين جي ڌڙڪن آهي. (مدني چينل سلسلو: دلين جي راحت: قسط:5،6)

## ڇا ٻالهم ڪجي امير اهلسنت جي

پاڪستان جي مشهور خوبصورت آواز جي مالڪ نعت خوان "الحاج اسماعيل صديقي" جو چوڻ آهي ته الحمدلله! مان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ننڍپڻ ۾ سندن سان گڏ هوندو هيس ۽ اسان سيئي ملي ڪري بادامي مسجد کان سڄي علائقي جو ذڪر ڪيل شعر پڙهندي چڪر لڳائيندا ۽ آذانون ڏيندا هئاسين.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** الحمدلله! ايتري گهٽ عمر کان ئي پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو دين جي طرف رجحان هو جڻ شروع کان ئي سندن تي الله پاڪ ۽ ان جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون خاص عنايتون هيون. الله پاڪ جي اميراهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه پاڪ جي پسنديده ٻانهن جو وسيلو

فتاويٰ رضويه ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان وبا جي ڏينهن ۾ رات جو گهٽين ۾ ملي ڪري هيءُ شعر پڙهڻ جي باري ۾ سوال ٿيو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ارشاد فرمايو: شعر جو مضمون فِيْ نَفْسِهٖ حسن آهي ۽ محبوبانِ خدا کان توّسل محمود. (يعني اِهو شعر چڱو آهي ۽ اللّٰه پاڪ جي پسنديده ٻانهن جي وسيلي سان دعا ڪرڻ به چڱو ڪم آهي.) (فتاويٰ رضويه، جلد24 ص 180)

فضل کر رحم کر تو عطا کر — اور معاف اے خدا ہر خطا کر
واسطہ پنجتن پاک کا ہے — یا خدا تجھ سے میری دعا ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آذان جا ڪجھ شرعي مسئلا

(1) نماز جي آذان کان علاوه ٻين آذانن جو به جواب ڏنو ويندو.

(2) حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ ساڄي پاسي منهن ڪري چئي ۽ کاٻي

پاسي، جيتوڻيڪ آذان نماز جي لاءِ نہ هجي بلڪ مثلاً ٻار جي ڪن ۾ يا ٻي ڪنهن جي لاءِ چئي اهو ڦيرڻ صرف چهري جو آهي، سڄو بدن نہ ڦيرائي. (3) آذان جا ڪلما رکي رکي چئي، الله اڪبر، الله اڪبر ٻئي ملي ڪري هڪ ڪلمو آهن، ٻنهي ڪلمن ڪان پوءِ رکي، وچ ۾ رڪجڻ نہ گهرجي ۽ رکڻ جي مقدار اها آهي تہ جواب ڏيڻ وارو، جواب ڏئي ڇڏي ۽ رڪجڻ ڪي ترڪ ڪرڻ مڪروه آهي ۽ اهڙي آذان جو اعادو ڪرڻ مستحب آهي. (بهارِ شريعت،جلد1 ص469، حصو:3)

## وبا کي دور ڪرڻ وارو هڪ پيارو وظيفو

امام ابن حجر عسقلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: طاعون وغيره بلائن کي دور ڪرڻ واري سڀ کان وڏي شين مان نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ آهي. (بذل الماعون في فضل الطاعون، ص333)

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ اسان سڀني تي پنهنجو خصوصي فضل و ڪرم فرمائي، اسان کي ڪرونا وائرس سميت هر زميني، آسماني آفت و مصيبت کان محفوظ فرمائي پنهنجي ۽ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ياد ۾ مصروف رهڻ جي توفيق عطا فرمائي، ڪرونا وائرس سميت ٻين آفتن بيمارين کان بچڻ جي لاءِ درود و سلام ۽ آذان جو خصوصي اهتمام ڪيو پڻ ٿي سگهي تہ پنهنجي گهر ۾ سوا لک پيرا "يَا سَلَامُ" جو ورد بہ ڪيو، الله پاڪ جي رحمت شاملِ حال رهي تہ ڪرونا وائرس سميت ٻين بيمارين کان بہ حفاظت ٿيندي.

## ڳناهن کان توبهہ

**پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ توبہ اهڙي شيءِ ٻڌائي آهي جو بعض

اوقات گناهن تي شرمندگي ۽ توبہ بيمارين ۽ پريشانين کان نجات جو سبب بڻجي ويندي آهي، منقول آهي: 449 هجري ۾ آذربائيجان، واسط ۽ ڪوفہ ۾ وفا ڦهلجي جنهن سان تمام وڏو تعداد متاثر ٿيو ۽ ماڻهو پريشان ٿيا، الله پاڪ جي بارگاھ ۾ سچي توبہ ڪئي، شرابن کي وهائي ڇڏيو، ڳائڻ وڄائڻ جا آلات ٽوڙي ڇڏيا. (شذرات الذهب، جلد3 ص455)

ڪرونا وائرس جي خوف ئي کان نہ بلڪ صرف رضاءِ الٰهي جي لاءِ سچي دل سان سچي گناهن کان توبہ ڪيو، جيڪڏهن توهان جي ذمي قضا نمازون باقي آهن تہ جلد کان جلد هنن کي ادا ڪري ونو. فرض روزا قضا ٿيا آهن تہ اهي بہ پورا ڪري ونو. پڻ جيڪڏهن ڪنهن جو حق ڦٻايو آهي تہ اهو حق واپس ڪيو، ڪنهن جي دل ڏکائي يا ماريو يا چڙبيو هجي تہ هٿ ٻڌي معافي گهري اُن کي راضي ڪيو، ياد رکو! موت صرف ڪرونا وائرس ئي کان ناهي ايندو، آخر اسان کي هڪ ڏينهن مرڻو ئي مرڻو آهي؟ جيڪڏهن الله پاڪ ۽ ان جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ناراض ٿي ويا تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟ الله پاڪ اسان کي باعمل عاشقانِ رسول جي صحبت نصيب ڪري ۽ خوب خوب سنتن تي هلڻ نصيب ڪري. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تری سنتوں پہ چل کر مری روح جب نکل کر
چلے تو گلے لگانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪلام مان منتخب

کرونا سے ہم کو بچا یاالٰہی
پرے ہو یہ ہم سے بلا یاالٰہی
کرونا میں جو مبتلا ہیں انہیں تو
کرم سے عطا کر شفا یاالٰہی
کرونا کے بدلے گناہوں کا ڈر دے
ندامت سے ہم کو رُلا یاالٰہی
گناہوں سے توبہ کی توفیق دے دے
ہمیں نیک بندہ بنا یاالٰہی
رہے خوف ہر دم برے خاتمے کا
ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

